# س.ا.س سٽِي سکر ڊاٽ ڪام

## ڊجيٽل بوڪ پبلشر

## www.sascitysukkur.com

## ايڊيٽر



## عبداللطيف انصاري

**Website:** www.sascitysukkur.com
**E-Mail :** abdullateefansari@yahoo.com

# نئين دؤر جا نوان سبق


## ادل سومرو

(ٻارن جي لاءِ ڪهاڻيون)

اسڪيچ

ادل سومرو

Website: www.sascitysukkur.com
E-Mail : abdullateefansari@yahoo.com


نئين دور جا نوان سبق
ادل سومرو

# سٽاءُ

1. مهاڳ (رسول ميمڻ)
2. سبق پهريون الف ـ اڪ
3. سبق ٻيون ب ـ بنگلو
4. سبق ٽيو ٻ ـ ٻارُ
5. سبق چوٿون پ ـ پٽُ
6. سبق پنجون ت ـ تاجُ
7. سبق ڇهون ٿ ـ ٿورو
8. سبق ستون ٽ ـ ٽوپي
9. سبق اٺون ٺ ـ ٺڳُ
10. سبق نائون ث ـ ثوابُ
11. سبق ڏهون ڀ ـ ڀاڄي

Website: www.sascitysukkur.com
E-Mail : abdullateefansari@yahoo.com

# سُهاڳ

اسين دنيا جي ٻن دروازن تي ويٺل اديب ۽ شاعر آهيون. هڪ ادل سومرو ۽ هڪ آءٌ.

جڏهن انسان دنيا جي دروازي ۾ داخل ٿين ٿا، ته ادل سومري کي ٻُڌن ۽ پڙهن ٿا، هن ڪان واقف رهن ٿا ۽ جڏهن دنيا کي ڇڏڻ جي لاءِ ٻئي دروازي مان واپس ورن ٿا ته مونکي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

اسين جيڪي ٻه دوست، ٻالپڻ ڪان هڪ ٻئي سان واقف آهيون، هڪ ئي پاڙي ۾ پلجي وڏا ٿيا آهيون. اسان هڪٻئي ڪان واقف هوندي ٻه ان ڳالهه ڪان اڻ ڄاڻ هياسين ته ڪو اسين ليکڪ يا شاعر آهيون. ادل سومري جڏهن لکڻ شروع ڪيو ته آءٌ سوچيندو هوس، اهو سکر ۾ ادل سومرو ڪير آهي؟ توهان کي مُنهنجيءَ ڳالهه تي ضرور حيرت ٿيندي، پر خود مُنهنجي حيرت جي ان وقت انتها نه رهي جڏهن هڪ دفعي عبدالڪريم سومرو، جنهن کي آءٌ ان نالي سان سُڃاڻِيندو هوس، مون وٽ آيو ۽ هڪ مشاعري جو دعوتنامو هٿ ۾ ڏيندي چيائين ته، "آءٌ ادل سومرو آهيان." آءٌ هن ڪان پهريون ئي واقف هوس. اهو لڳ ڀڳ **1976**ع وارو زمانو هيو ۽ آءٌ ماضيءَ ڏانهن سوچڻ لڳس. هڪ نوجوان جيڪو ڪتاب ڪنيون هاءِ اسڪول ڏانهن گهنٽاگهر ڪان مٿي پهاڙي پٽين واري چاڙهي چڙهندي نظر آيو هو. اهو شخص جيڪو سکر جهڙي عجيب ۽ غريب شهر جون

ڏاڪڻيون چڙهندي ۾ لهندي نظر آيو هو. هو جيڪو تن ڏينهن ۾ مُنهنجي سؤٽ جو گهرو دوست هيو. جنهن سان هن جاءِ لب مهراڻ تي، سنڌوءَ ڪناري فوٽو گرافڪس اڃا به مُنهنجي ذهن تي نقش آهن. اهو ادل سومرو هيو. آءٌ ته هن کي سُڃاڻا پيو ۽ ادل مونکان پڻ چڱيءَ ريت واقف هيو.

**1976**ع کان پوءِ اسان گڏجي پنهنجو ادبي سفر شروع ڪيو ۽ ادل سومرو اڄُ سنڌي ادب ۾ شاعريءَ جو تمام اهم نالو آهي. ٻاراڻي ادب ۾ ته هن جو ڪو ثاني ڪونهي. مُنهنجي ذاتي راءِ آهي ته موجوده دؤر جو سنڌي ٻاراڻو ادب ادل سومري جي نالي سان ئي سُڃاتو ويندو. هن جهڙو سُٺو ۽ گهڻو ٻاراڻو ادب شايد ئي ڪنهن لکيو هُجي. ان ڪري آءٌ چوان ٿو ته ادل سومرو دنيا جي داخلا واري دروازي جو اهو دربان آهي جيڪو پنهنجي هٿ ۾ قلم بلند ڪيون بيٺو آهي ۽ هن جون لکڻيون جڻ ته دنيا ۾ داخل ٿيندڙ ٻارن جي پُنيءَ تي پاتل اهي لڪيرون آهن جيڪي دنيا جي پڙهيل سنڌي ٻار جي وجود ۾ هن جي سُڃاڻپ جي نشانيءَ طور هميشه موجود رهنديون. اديب دوستن ۾ آءٌ ادل سومري سان سپني کان ويجهو رهيو آهيان. دنيا ۾ جڏهن هڪ انسان ٻئي انسان جي زندگي زهر ڪرڻ جي لاءِ رات ۽ ڏينهن وينو پنجن ئي آڱرين جو زور لڳائي ٿو ۽ ڪوبه اهڙو موقعو هٿن مان نه ٿو وڃڻ ڏئي جنهن سان هو ٻئي کي ذهني يا جسماني تڪليف پهچائي، هرو ڀرو مطمئن ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو اهڙي ماحول ۾ ادل سومري سان ملي دل کي اها آٿت اچي ته دنيا اڃا به جيئڻ جي قابل آهي، جتي ڪجهه وقت رهي سگهجي ٿو. ادل شخصي طور هڪ

بردبار ۽ سهپ جو مادو رکندڙ انسان آهي. هو صحيح معنيٰ ۾ دوست آهي، جنهن سان ملي دل کي خوشي نصيب ٿئي ٿي.

زندگيءَ جي چوٿين ڏهاڪي ۾، جتان آءٌ ۽ ادل لنگهي رهيا آهيون، جتي اسان ٻالپڻ مان وڏي نوجوانن جي ٿهيءَ مان لنگهي، جوانن جي ٿهيءَ مان اڳتي پوڙهائپ جي منزل ڏانهن وڌي رهيا آهيون، جتي اسان جي جسمن جي چُستي ۽ ڦُڙتي اها نه رهي آهي، اسين اڌ ٿڪيل اڌُ هاريل انسانن جيان پوئتي پنهنجي قدمن جي نشانن کي اُٻاڻڪين اکين سان ڏسي رهيا آهيون ته اسين اهو سوچڻ تي مجبور ٿي پيا آهيون ته اسان آخر ڇا حاصل ڪيو، انهن ويهن سالن جي ادبي سفر ۾ ڪٿي پهتاسين. اسين جيڪي اڌ عمر کان گهڻو گهاري چڪا آهيون ۽ هڪ ڏينهن موت ڏانهن موٽي ويندا سُون. اسين جيڪي سنڌ جا علاقائي اديب آهيون، جنهن صوبي جي اڌ کان گهٽ آدمشماري سنڌي ٻولي نه ڳالهائي ٿي ۽ نه ئي پڙهي ٿي. جتي باقي آدمشُماريءَ جو معمولي سيڪڙو پڙهيل لکيل آهي ۽ انهن معمولي لکيل پڙهيلن ۾ به ڪو ڪو سنڌي ادب ۽ شاعريءَ کان واقف آهي، اهو سوچي سچُ ته ڏاڍي مايوسي ٿئي ٿي. پر اسين جيڪي جهالت جي انڌيرن ۾ گُم ٿي ويل روشنيءَ جي چڻنگ ڳولي رهيا آهيون. آخر اسان ان پيڙا ۽ پوڳنا مان ڇا حاصل ڪيو؟ ڪهڙيءَ سرڪار اسان سنڌ اديبن کي پاڪستاني اديب ڪوٺيو، اسان کي سنڌ جي سرحدن کان ڪڍي پاڪستان ۽ عالمي سطح تي متعارف ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌي ترقي پسند اديب کي

کھڙا ميڊيا فراهم ڪري ڏنا ويا، جتان اهو اڳتي وڌي دنيا ۾ متعارف ٿي سگهي. سنڌي اديبن لاءِ ڪهڙا مطالعاتي دورا مهيا ڪري ڏنا ويا، ترقي پسند سنڌي اديب کي سرڪاري طرح دنيا جي ٻين زبانن ۾ ترجمو ڪرڻ جي لاءِ ڪهڙا اپاءَ ورتا ويا؟ سنڌي اديبن جي سنگت جو سرڪاري طرح ڪهڙو آڌرڀاءُ ڪيو ويو؟

اسين جيڪي جهالت ۽ ناانصافين جي انڌيرن ۾ چٽنگ ڏکائڻ جي لاءِ پارڻ پتوڙي رهيا آهيون، ڇا اسين پنهنجي رهيل زندگيءَ ۾ به ائين ئي اونده ۾ ٿاڦوڙا هڻي هڪٻئي سان ٽڪرائجي گذاري، اونده ۾ دفن ٿي وينداسون. ڪڏهن ائين محسوس ٿيندو آهي، اونده ايتري ڪانه آهي، شايد اسان جون اکيون بند آهن. سنڌي ادب لکڻ وڏي قرباني ڏيڻ جي برابر آهي، اسان وٽ جيڪر ادب روزگار جو ذريعو هجي ها؟ اديب لکي سُکيو ستابو ٿي پوي ها. سياستدان ته گهڻو ڪُجهه حاصل ڪري وٺن ٿا پوءِ به بي امني ۽ بيچيني عوام جي ڳچيءَ ۾ اچي پوي ٿي.

جيڪر ائين ٿئي ها جو عوامي سوچ جو رُخ بدلجي پوي ها. شاعر اسٽيج تي ڪو سٺو شعر پڙهي ها ۽ ان آڌار تي هن کي داد بجاءِ ووٽ ملي پون ها. هڪ اهڙي حڪومت وجود ۾ اچي ها جنهن جا سرواڻ اديب ۽ شاعر هُجن ها، سياستدان، ماستر ۽ بيروزگاري هُجن ها.

هن ڪتاب ۾ ادل سومري جا ڏهه سبق ڏنل آهن، جيڪي سڀُ نثر ۾ آهن، ادل نثر تمام گهٽ لکيو آهي، پر هو مضبوط قسم جو نثر نگار پڻ آهي، جيئن توهان کي هن جا هي سبق پڙهي محسوس ٿيندو. هن جي لکڻ جو ڪمال

اهو آهي ته هو ڳالهه مان ڳالهه ٺاهي وجي ٿو ۽ ائين خيالن جو هڪ مسلسل وهڪرو پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏ وهايون ڪنيو وڃي ٿو. جنهن ڏينهن ادل مهاڳ لکڻ لاءِ اهي سبق منهنجي حوالي ڪيا ته آءُ ذهني طور تي پريشان هيس پر انهن کي پڙهندي آءُ مُرڪيس پئي، جيئن ادل سومرو پنهنجي مخصوص انداز ۾ مون اڳيان ڳالهائيندو هُجي، جيئن هو ڪڏهن مزاحيا ۽ طنزيا جملا ڳالهائي ويندو آهي. ادل سومري جي چونڊ موجب هُن اهي سبق ٻارن لاءِ لکيا آهن، پر هن جي انهن لکڻين ۾ ايتري ته گهرائپ موجود آهي جو شل اهي وڏن کي به سمجهه ۾ اچن.

الف ـ اِڪ وارو پورو سبق پنهنجي گهرائپ سان موجود آهي، ان کي هر عمر وارو پنهنجي ذهني معيار مطابق سمجهي لطف اندوز ٿيندو.

ب ـ ٻار ۾ ادل سومرو ٻارن جا قسم بيان ڪندي لکي ٿو، هر ڪو ٻار پنهنجي ڌرتيءَ جي حوالي سان سُڃاتو ويندو آهي. جنهن ٻار جي ڪا ڌرتيءَ نه هوندي آهي، اهو انٽرنيشنل ٻارُ سڏبو آهي.

ادل سومري جا هي لکيل سبق اهڙن ئي ڪيترن فقرن ۽ جملن سان پريا پيا آهن، جن ۾ طنز، مزاح ۽ سچائي آهي.

ٽ ـ ٽوپيءَ واري سبق ۾ سليماني چانهه ۽ سليماني ٽوپيءَ جو ذڪر، اهڙن سبقن کي ڏاڍو پر مزاح ۽ دلچسپ بنائي ٿو، اُٻتي هلي سليماني ناچُ تائين پوري مُرڪ هڪ ٽهڪ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي.

Website: www.sascitysukkur.com
E-Mail : abdullateefansari@yahoo.com

ٿ - ٺڳُ ۾ مادرن ٺڳ جي وضاحت سُٺي نموني ٿيل آهي انهيءَ ئي سبق ۾ ادل گهريون ڳالهيون ڪيون آهن هو سوال پُڇي ٿو ته دل جي بيمارين جو دولت سان ڪهڙو تعلق آهي، نوان لفظ ۾ هن لکيو آهي، روڊ = ٺيڪيدار جو خوابُ.

ادل پنهنجي شاعراڻي صفت ڪان نثر ۾ به منهن نه موڙيو آهي.

ٿ - ثواب ۾ لکي ٿو، جنهن ماڻهوءَ کي ڀاڳُ لڳندو آهي اهو ساڳ نه کائيندو آهي پر هو ڪُڪڙ کائي راڳ ڳائيندو آهي.

اميد ته ادل سومري جو هي ڪتاب به سندس ٻين ڪتابن جيان پڙهندڙن ۾ ضرور پسند پوندو.

تاريخ **02.08.1990**

**رسول ميمڻ**


**سامي هائوس**

**بشير آباد، ملٽري روڊ**

**سکر.**

# سبق پهريون

## الف. اک



ڏاهن جو قولُ آهي ته علم انسان جي ٽين اک آهي. اُهي انسان بنهه بدنصيب آهن، جن کي ٽين اک ناهي. هر انسان جي خواهش هوندي آهي ته هن کي ٽين اک به هُجي پَر پاپي پيٽ ۽ قسمت جا رولا گهڻن انسانن کي ٽين اک کان محروم ڪري ڇڏيندا آهن. جن کي ٽي اکيون هونديون آهن، انهن جي ذهنن جا روشندان کُلي ويندا آهن ۽ اهي ذهني طور تي عرش تي اڏامڻ لڳندا آهن. پنهنجي علم جو فائدو حاصل ڪندي، ڪي ٽن اکين وارا اتڪلي بڻجي پوندا آهن ۽ ٻن اکين وارن ماڻهن جي اکين ڪڍڻ جي فڪر ۾ هوندا آهن. جن کي اکيون نه هونديون آهن انهن کي انڌو

Website: www.sascitysukkur.com
E-Mail : abdullateefansari@yahoo.com

چيو ويندو آهي، پر ڪي ڪي ٻار اکين هوندي به انڌا هوندا آهن. ڪي اکيون آسَ ۽ اوسيئڙي جون عادي هونديون آهن. ان ڪري انهن اکين ڪان ننڊ رُٺل هوندي آهي. ڪي اکيون خواب ڏسنديون آهن ته ڪن جي نصيب ۾ فقط روئڻ هوندو آهي. اها پنهنجي پنهنجي نصيب جي ڳالهه آهي. ڪن جي وري نصيب ڪي به اکيون ناهن هونديون. جيڪڏهن ڪنهن جي نصيب ڪي اکيون آهن ۽ فقط هڪ اک آهي ته ڪا وڏي ڳالهه ناهي، سندس دَرَ تي ڪيترائي ٽن اکين وارا سلام پريندا رهندا.

اکين جون ڪيتريون ئي عادتون آهن. اکيون ڪڏهن ڪڏهن اٿي به پونديون آهن، پوءِ انهن ڪي ويهارڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پوندو آهي. جن ٻارن ڪي ٽين اک حاصل ڪرڻ جو شوق هوندو آهي، اهي ڪتابن سان سنگت رکندا آهن، پر ڪي ٻار والدين جي اک ڏيکارڻ تي زوريءَ ٽين اک حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ٻار ڪي حد جي اندر اک ڏيکارڻ گهرجي. والدين جي تمام گهڻي اک ڏيکارڻ جي ڪري ڪي ٻار نفسياتي دٻاءَ جو شڪار ٿي ٽين اک حاصل ڪري نه سگهندا آهن.

ڪن اکين ۾ شرم حياءُ هوندو آهي ته ڪي وري شرم حياءَ ڪان خالي هونديون آهن. جن اکين ۾ شرم حياءُ نه هوندو آهي اهي کُليل هوندي به بوٽيل هونديون آهن. ان ڪري اهڙين اکين وارن ڪي اکين بُوٽ چئبو آهي. (هڪڙي وري اک بوٽ راند به ٿيندي آهي). جنهن جون اکيون کليل هوندي به بوٽيل هونديون آهن، ان ۾ ڪنهن ڪي به چڱائي

**Website:** www.sascitysukkur.com
**E-Mail :** abdullateefansari@yahoo.com

جي اُميد نہ رکڻ گهُرجي پر اهڙي اکين ٻُوٽ ڪان پاسو ڪرڻ گهُرجي.

هڪڙين اکين جو ذڪر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ بہ ڪيو آهي. اهي اکيون جيڪي پنهنجي حقيقي پرينءَ کانسواءِ ٻئي طرف نهارين، اهي ڪڍي ڪانگن کي ڏجن، پوءِ اها ڪانگن جي مرضي تہ اهي اُنهن کي کائين ٽا يا فقط ٺونگو هڻي پري ڪن ٽا. ڪن اکين ۾ آرسيون بہ لڳل هونديون آهن. جن اکين ۾ نظر ڏنڌلي ٿي ويندي آهي، انهن کي عينڪ جو سهارو وٺڻو پوندو آهي. ڪن ماڻهن جون اکيون ننڍيون ۽ فليٽن وانگر سوڙهيون هونديون آهن، انڪري انهن ۾ ٻين لاءِ جاءِ گهٽ هوندي آهي ۽ اهي بي مُروت اکيون سڏبيون آهن. شاعرن جون اکيون ڳوٺ جي گهرن وانگر کُشاديون هونديون آهن. جيئن شاهه لطيف فرمايو آهي تہ :

"اکيون ۾ ٿي ويهُہ تہ آءٌ واري چپر ڍڪيان"

اکين جي ڦڙڪڻ ۽ ڦرڪڻ ۾ فرق آهي. وڏن جي چوڻي جڏهن ڪو عزيزُ اچڻ وارو هوندو آهي تہ اک ڦڙڪندي آهي، وري جڏهن اک ڦرڪڻ لڳندي آهي تہ ڪنهن نقصان ٿيڻ جو امڪان هوندو آهي. اکيون جسم جو اهم حصو آهن، انهن کان سواءِ جسم کي گهڻو محتاج ٿيڻو پوي ٿو. شيخ اياز اکين کي جسم جا ڏيئا سڏيو آهي :

"اکيون ڏيل ڏيئا، ٻرنديون رهنديون پاٽ ۾."

شالَ اوهان جي اکين ۾ هردم حيا جو رنگ ۽ پنهنجن جي سُجاڻپ رهي ۽ انهن ۾ ڪڏهن ڪَڪُ نه پَوي.

# ❊مشق❊

سوال نمبر **1** : ڇا شاعرن جي اکين ۾ صوفا سيٽ رکيل هوندا آهن؟

سوال نمبر **2** : ٿين اک حاصل ڪرڻ ۾ ڪهڙيون رُڪاوٽون آهن؟


سوال نمبر **3** : اکيون جسم جا ڏيئا آهن، انهن ۾ ڪهڙو تيل استعمال ٿيندو آهي؟

## نوان لفظ

ڪڪُ = جنهن جي هيٺان لڪُ هُجي
عينڪ = عينُ + نَڪُ
عين = اکِ
نَڪُ = جيڪو ڪپيل نه هُجي.
عينڪ = نڪ جي ناني يا اک جي امڙ
فليٽ = جنهن مان آسمان نظر نه اچي.

# سبق پيون

## ب. بنگلو



بنگلي جو جمع بنگلا ٿيندو آهي ۽ ڪنگلا ماڻهو بنگلا ٺهرائي نہ سگهندا آهن. بنگلن ۾ رهندڙ ماڻهن جا ڪنڌ بنگُلن وانگر اڀا هوندا آهن. جيڪي مزور تمام گهڻو پورهيو ڪري بنگلا ٺاهيندا آهن، اهي بنگلن ۾ رهي نہ سگهندا آهن. تنهن ڪري اها چوڻي ئي غلط آهي تہ: ”جيڪو پچائي سو کائي.“

Website: [www.sascitysukkur.com](http://www.sascitysukkur.com)
E-Mail : [abdullateefansari@yahoo.com](mailto:abdullateefansari@yahoo.com)

بنگلن ۾ بادشاهه ماڻهو رهندا آهن ۽ ڪنگلا ماڻهو انهن جي رعيت هوندا آهن. ڪنگلا يعني مسڪين ماڻهو بنگلن جي بادشاهه کان پنهنجون ڪکيون بچائي، ککن جي جهوپڙين ۾ گهڙيون گهاريندا آهن. بنگلن جا بادشاهه جنهن وقت به چاهين ڪنگلن کي ڪاٺ ۾ هڻي سگهن ٿا ۽ انهن جو داڻو پاڻي بند ڪرائي سگهن ٿا. هڪڙو وري بادشاهه عمر سومرو به هيو، جنهن کي به هڪ ماڙي يعني بنگلو هو. بادشاهن کي شڪار جو ڏاڍو شوق هوندو آهي، سو هڪ ڏينهن عمر بادشاهه به ٿر جي هڪ مارئيءَ کي شڪار ڪري پنهنجي بنگلي ۾ قيد ڪيو ۽ کيس پنهنجي راڻي بڻجڻ جي آڇ ڪئي. جهوپڙين ۾ رهندڙ ماڻهو اتڪلي نه پر ابوجهه هوندا آهن. مارئي جهوپڙين جي رهواسڻ هُئي ان ڪري هُن اڄُ جي دؤر جي حساب سان بيوقوفيءَ جو ثبوت ڏيندي، عمر بادشاهه جي راڻي بڻجڻ کان انڪار ڪندي بادشاهه کي چيو :

"عمر مون نه وڻن تُنهنجون ماڙيون الا
اسين ماروئڙا مال چاريون الا."

بادشاهن جا شوق عجيب نه هوندا آهن پر غريب نه ــ جيڪو شوق بادشاهه ڪندا آهن، انهن کي بادشاهي شوق چئبو آهي. بادشاهي شوق گهڻن ئي قسمن جا ٿيندا آهن. ڪُتا پالڻ به بادشاهي شوق آهي. پُراڻي خيال جا بادشاهه ڪُتن کي رڇن سان وڙهائيندا آهن ۽ رتُ وهندو ڏسي خوش ٿيندا آهن. جديد قسم جا بادشاهه ڪُتن کي ڪارن ۾ ويهاري ڪلفٽن، ايلفي ۽ طارق روڊ گهُمائيندا آهن.

جيڪڏهن ڪو ڪنگلو پُل ۾ ڪنهن بنگلي جي پَر ۾ جهوپڙي جوڙي ويهندو آهي ته بادشاهه پنهنجي بنگلي جي سُونهن تي جهوپڙيءَ جو داغ برداشت نه ڪري سگهندو آهي ۽ هڪ ئي ڦوڪ سان جهوپڙيءَ کي اڏائي، پاڙيسريءَ جو حق ادا ڪندو آهي، اهو بادشاهه سلامت جي ڦوڪ جو اثر هوندو آهي. هڪ ڦوڪ وري نانگ به ڏيندو آهي. ڪنگلن جي واتان ڦُوڪون نه پر بُک جون اوپاسيون نڪرنديون آهن.

پارو! اوهان شوق سان پڙهي وڏا ٿي بنگلا پَلُ ٺهرائجو پَر دل ۾ انسانيت جي لاءِ به ڪُجهه جگهه جوڙجو. ڪارن ۾ ڪُتن گهُمائڻ بدران مسڪين ۽ لاوارث ٻارن جي سارَ سنڀال لهجو.

## مشق

سوال نمبر **1** : ڪنگلا ماڻهو بنگلا ڇو نه ٺهرائي سگهندا آهن؟

سوال نمبر **2** : بادشاهه ۽ نانگ جي ڦوڪ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

سوال نمبر **3** : بادشاهي شوق ڪهڙا آهن؟

# نوان لفظ

کنڌُ = جنهن ۾ ڪِلو نہ هُجي
ڪنگلي جي ڪُک = خالي پاندو
جهوپڙي = ڪنگلن جي جنت

# سبق ٽيون

## ٻ. ٻارُ



ٻار جو جمع ٻارڙا ٻه آهي. ياد رکڻ گهرجي ته ٻاراڻي وهي بادشاهي وهي هوندي آهي ۽ اها بادشاهي هڪ پيرو وڃائڻ کان پوءِ ٻيهر حاصل ڪري نه سگهبي آهي. ٻارَ گهرَ جو سينگار هوندا آهن. تنهنڪري گهرَ جي سينگار لاءِ ٻارِ جو هئڻ ضروري آهي. جن ٻارن جو ڪو گهرُ نه هوندو آهي اُهي فوٽ پاٿ جو سينگارُ هوندا آهن.

ٻارن جا ڪيترائي قسم آهن. هر ڪو ٻار پنهنجي ڌرتيءَ جي حوالي سان سُڃاتو ويندو آهي. جنهن ٻارَ جي ڪا ڌرتي نه هوندي آهي اهو انٽرنيشنل ٻار سڏبو آهي.

ٻار اوهان کي جت ڪٿ نظر ايندا. جيڪي ٻار بنگلن ۾ چمندا آهن، انهن جي سار سنڀار گُلن وانگر ڪئي ويندا آهي، جنهنڪري اهي گُلن جهڙا ٻارڙا هوندا آهن. ضروري ناهي ته سڀ ٻار گُلن جهڙا هُجن، جيڪي ٻار جهُوپڙين ۾ چمندا آهن ۽ گندگيءَ جي ڍيرن تي ڦاٽل ڪپڙا پائي رانديون رهندا آهن، اُهي ماءُ پيءُ لئہ هرون پرون ڪٽي گُلن جهڙا هُجن پر هونئن اُهي ڪنڊن جهڙا ٻارڙا هوندا آهن.

جن ٻارن کي ماءُ پيءُ نه هوندا آهن انهن کي عام طور تي يتيم چيو ويندو آهي، پر ڪي ٻار ماءُ پيءُ هوندي بہ يتيم هوندا آهن. سڀ يتيم، يتيم خاني ۾ داخل نه ٿيندا آهن. جن ٻارن جو اللهؐ کان سواءِ ڪوبہ نه هوندو آهي، اهي يتيم خاني جي هوا کائيندا آهن.

ڪي وري سڪيلڌا (لاڏلا) ٻار هوندا آهن. غريب جو عدد واحد ٻارُ بہ سڪيلڌو نه ٿي سگهندو آهي، پر سرمائيدار جا سڀُ ٻار سڪيلڌا هوندا آهن. اڄڪلهہ ٻارن کي چمڻ کان روڪيو ٿو وڃي ۽ انهن جي خلاف هڪ نعرو ٿو هنيو وڃي :

"ٿورا ٻارَ پيار ئي پيارُ
گهڻا ٻارَ گهڻو آزارُ"

جيڪڏهن سڀُ ٻار گُلن جهڙا هُجن ها ته اهو نعرو هرگز نه هنيو وڃي ها، ڇاڪاڻ ته گُل جيترا گهڻا هوندا اوتري خوشبو

وڏيڪ ٿيندي. اهو نعرو صرف ڪنڊن جهڙن ٻارڙن جي خلاف آهي، ڇاڪاڻ ته هڪ ٻن ڪنڊن جو سور ته سهي سگهجي ٿو پر گهڻن ڪنڊن جي تڪليف برداشت ڪرڻ ڏکئي آهي. ٻنگلن ۾ چمنڊڙ گلن جهڙا ٻار ڪيترا به گهڻا ڇو نه هجن، تڏهن به آزار نه ٻڻبا آهن.

گلن جي سار سنڀار به گهڻي ڪئي ويندي آهي. اٽليءَ جي هڪ مائيءَ، ماريا مانٽيسوريءَ به ٻارن جي تعليمي ترقيءَ لاءِ تعليم جو هڪ نئون نظريو ڏنو. اهو تعليمي سرشتو رڳو گلن جهڙن ٻارڙن جي لاءِ آهي نه ڪي ڪمڻ هاريءَ جي پُٽ پُنهونءَ لاءِ، جيڪو صبح جو ساجهري راتوڪا پاروٽا ڇانور ڏُڌ سان کائي پيرين اگهاڙي ٽي ميل پنڌ ڪري هڪ پُراڻي اسڪول ۾ پَٽَ تي ويهي پڙهندو آهي. انهيءَ ڳالهه ڪي، پنهنجو پنهنجو ڀاڳ چئي لنوائي سگهجي ٿو، بهرحال :

"انسانيت جو آهي نعرو
دنيا جو هر ٻار آ پيارو"

ڇاڪاڻ جو ڪنڊن ۾ ٿوهرن ڪي به ڪونڊين ۾ سجائي ٻنگلن جي سونهن وڌائي سگهجي ٿي.

Website: www.sascitysukkur.com
E-Mail : abdullateefansari@yahoo.com

# ❊مشق❊

سوال نمبر **1** : خانگي ۽ انٽرنيشنل ٻار ۾ فرق ٻُڌايو؟

سوال نمبر **2** : يتيم خاني جي هَوا کھڙن ٻارن کي نصيب ٿيندي آهي؟


سوال نمبر **3** : ٻارن کي چمڙ کان ڇو ٿو روڪيو وڃي؟

# نوان لفظ

يتيم خانو = الله وارن جو آخري اَجھو
نعرو = جيڪو صرف هٿي سگھجي (وات سان)
انسانيت = اتي ۾ لوڙ.

# سبق چوٿون

## پ. پَٽ



پٽُ نيٺ ديسي ڪاڌو آهي ۽ ان جي تاريخ به گھڻي پُراڻي آهي. پٽَ جي وصف وغيره به تمام سولي ۽ مختصر آهي، جنهن ڪري ان جي تياريءَ ۾ ڪنهن خاص ترڪيب جي مد وٺڻي نه پوندي آهي. عام طرح ٻه پٽ مشهور آهن هڪُ پُريل ڪٽڪ (ڏارو) جو پٽُ ۽ ٻيو پُريل چانورن جو پٽُ. پٽُ پريل ڪٽڪ يا پُريل چانورن جو مجموعو هوندو آهي، تنهنڪري معاشي طور پُريل ماڻهو ئي پٽُ کائيندا آهن. سچا چانور برياني ۽ چاشنيءَ جي روپ ۾ رڳو خوشحال ماڻهن لاءِ

هوندا آهن. جن جا پِيرِ وڏا هوندا آهن. اهي پٽ ڪا پيچي ويندا آهن.

وڏن شهرن جي وڏن هوٽلن ۾ پٽُ اٽليُ هوندو آهي. ان ڪانسواءِ بنگلن ۾ به پٽ لاءِ ڪا جاءِ نه هوندي آهي، تنهنڪري پٽُ ويچارو صرف پونگيءَ ۾ ئي رهي سگهندو آهي. ائين ڪٿِي چئجي ته پونگي پَٽَ جي پرجهلي آهي. ڪي ماڻهو وري پَٽَ تي چِڙندا آهن. حالانڪ پٽُ نهايت سادي سودي شيءِ آهي، جنهن تي ڪنهن ڪي به چڙڻ نه گهُرجي.
پٽُ آهي ڪير سان - جڏهن ڳوٺن ۾ ڪير سهانگو ۽ گهڻو هوندو هو تڏهن شادين ۾ هي ڳيچ ڳائبو هو :

ڳوٺ لڏيون لائون
تون ۽ آئون
گهوٺ جي گهر هلي
ڪير پٽُ کائون

وري جڏهن ڪير جي پاٽيءَ سان سنگت وڌي ۽ وڪرو جام ٿيڻ لڳو ته پٽُ ويچارو اڪيلو رهجي ويو ۽ شادين تي هي ڳيچ ڳائڻ شروع ٿيو :

آيا سُجي شهر مان
گهـــوٺ پرڻـــائي
سجي ڄڄ ويٺي
رُکو پٽُ کائي.

Website: www.sascitysukkur.com
E-Mail : abdullateefansari@yahoo.com

ڪي ماڻهو بيٺي بيٺي پٽُ ڪائيندا آهن ته ڪي وري پٽ تي چڙهي پٽُ ڪائيندا آهن. جيڪي انسانن جو رتُ پيئندا آهن انهن ڪي پٽُ نه وٽندو آهي. سکر ۾ ڪرڙيءَ جو مشهور تاريخي جنگي ميدان آهي. ڪرڙي جيئن ته رتُ تي هريل هُئي، ان ڪري هُن مشهور شاعر خليفي نبي بخش لغاري جي لفظن ۾ پٽُ وات ۾ نه وڌو:

ڪرڙي ڪائي رتُ، پٽُ نه وجهي وات ۾

ڳوناٽا ٻار جيئن ته پٽَ جا ڳهڻا هيراڪ هوندا آهن. تنهنڪري هي گيت انهن پَٽ ـ ڪائو ٻارن جو آهي :

ڳيچُ ڳائيندو وتُ
پٽُ ڪائيندو وتُ

ڪوڙڪي رڪُ تون سٽي
ساڙ جي پاڙ پٽي
پيار جو هر هنڌ پرين!
رنگ لائيندو وتُ
پٽُ ڪائيندو وتُ
غم ۾ جان نه ڳار
سُور سڀُ پنهنجا وسار
جمالو ڳائي مٺا
جهُمر پائيندو وتُ
پٽُ ڪائيندو وتُ

## ❊مشق❊

سوال نمبر **1** : وڏن هوٽلن ۾ پيٽُ ڇو نه ملندو آهي؟

سوال نمبر **2** :ڪير جا پيٽ ڪان جُدائيءَ جا سبب بيان ڪريو؟


سوال نمبر **3** :ڪرڙيءَ ڇاجي ڪري پيٽُ وات ۾ نه وڌو؟

## نوان لفظ

پِيُ = جيڪو ڪڏهن نه پرجي
خوشحال = جيڪو پيٽُ نه ڪائي
ڪير = جنهن ۾ پاڻي نه هُجي.

# سبق پنجون

## ت. تاجُ



تاج ڪي ڇَٽُ به چئبو آهي. تاج گھڻو ڪري بادشاهه پائيندا آهن. پر ڪي بي تاج بادشاهه به هوندا آهن. جديد دؤر جا بادشاهه تاجُ نه پائيندا آهن.

ڪي تاج سون جا، ڪي چانديءَ جا ۽ ڪي وري ڪپڙي جا تاج ٺهيندا آهن، جن ۾ هيرا موتي جُڙيل هوندا آهن. ڪي وري گھُمندڙ ڦرندڙ انسانن جي روپ ۾ تاج هوندا آهن جيئن: تاج صحرائي، تاج بلوچ ۽ تاج جويو، اهي ٺيٺي تاج اديب ۽ شاعر آهن. انڪري ٻارو! ياد رکڻ گھرجي ته تاج، شاعر ۽ اديب به ٺهيندا آهن. تاج بلوچ جي شاعريءَ جو مجموعو ”درد

جو صحرا“ ڇيڇي ڇُڪو آهي، جيڪو حقيقت ۾ تاج صحرائيءَ جو ھڻڻ گھُربو ھو. صحرا درد جا ھوندا آھن ۽ سھرا (ڳيچ) وري خوشيءَ جا ھوندا آھن. اڙدوءَ ۾ وري سھرا، موڙن کي چئبو آهي. رستي جا موڙ نه پر مٿي جا موڙ يعني گُل ڦل وغيره. موڙ مٿي جا ھار ڳچيءَ جا. ھڪڙي ھار يعني شڪست ھوندي آهي. جن جي ھار ٿيندي آھي، اھي ھار پائي نه سگھندا آھن. تاج بلوچ کي پنھنجي شعرن جي مجموعي ۾ ھار نھرائتا ڪين ھُئا. تنھنڪري ھن سيني جا ھٿ زخمي ڏيکاري، پڙھندڙن کي اداس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آھين:

ڪر گُلن جا پوئي ھار
ھٿ سين جا زخمي زخمي.

زخمي ھٿ ھار پوئي نه سگھندا آھن ۽ اٽو ڳوھي نه سگھندا آھن.

قديم دؤر جا بادشاھ يا راجا پنھنجن تاجن ۾ ڪنيپ اٽڪائيندا ھُئا. ھينئر اھي بيوقوف راجا ڪونه آھن جيڪي ڪانوَ جي ڪنيپ عيوض ٻگھي گھوڙو ڏين. تنھنڪري ٻارن کي ھي ٻول وسارڻ گھرجن ته :

ڪانوَ ڏنو ڪنيپُ
ڪنيپُ ڏنم راجا کي
راجا ڏنو گھوڙو
چڙھي گھُم چڙھي گھُم.

انڌير نگريءَ جي راجا ڪي چرپٽ چئبو آهي. چرپٽ راجا ڪاچا ڪائيندا آهن ۽ واچا وچائيندا آهن ڇو ته انهن جي نگريءَ ۾ ڀاڄي ۽ ڪاچا ساڳئي اگهه تي وڪامبا آهن.

بادشاهه تاج پائيندا آهن ۽ تخت تي ويهندا آهن. جنهن جو بخت ٺهندو آهي اهو تخت ماڻيندو آهي ۽ جنهن کان بخت رُسندو آهي اُن جا تختا نڪري ويندا آهن. گُذريل دؤر ۾ ڪيترائي بادشاهه زوريءَ پنهنجي بخت بڻائڻ لاءِ پنهنجن پيئرن، چاچن ۽ مامن جو قتل ڪرائي تاج ۽ تخت حاصل ڪندا هُئا. ان کي اقتدار جي هَوس چئبو آهي. تاج تخت ۽ دولت جي هَوس انسان کي انڌو بڻائي ڇڏيندي آهي. تنهنڪري ٻارو! اوهان کي حرص ۽ هَوس کان پري پڃڻ گهُرجي.

## ❋مشق❋

سوال نمبر **1** : بخت ۽ تخت جو پاڻ ۾ تعلق بيان ڪريو؟

سوال نمبر **2** : جن ماڻهن جي هار ٿيندي آهي، اُهي هار ڇو نه پائيندا آهن؟

سوال نمبر **3** : چرپٽ راجا جون مشغوليون ڪهڙيون هونديون آهن؟


# نوان لفظ

شاعر= شهرت جي شڪري جو شڪاري
اٺو = جيڪو پيٽ ۾ سور نہ ڪري
تخت = بخت جو وڏو پاءُ

Website: www.sascitysukkur.com
E-Mail : abdullateefansari@yahoo.com

# سبق ڇهون

## ٿ. ٿورو



لفظ ٿوري جو عام طور ۾ معنائون نڪرن ٿيون. ٿورو معنيٰ احسان يا ڀلائي وغيره ۽ ٿورو معنيٰ گهٽ. ٿورن جا ڪيترائي نمونا ٿيندا آهن پر هت ٿورڙن جو ذڪر ڪجي ٿو:

- بدهاضمي جي شڪايت سبب يا پنهنجي وزن گهٽائڻ لاءِ ڪي ماڻهو ٿورو کائيندا آهن ۽ ملڪ جوانُ بچائي ملڪ تي ٿورو ڪندا آهن.

Website: www.sascitysukkur.com
E-Mail : abdullateefansari@yahoo.com

- ڪي ماڻهو ٿورا ٻارَ پيدا ڪري، خانداني رٿابنديءَ وارن ۽ عزرائيل تي ٿورو ڪندا آهن.
- ڏاڍا ماڻهو هيڻن کي مارائي، سندن لاش گُم ڪرائي هن جي مائٽن کي ڪفن دفن جي خرچ کان بچائي مٿن ٿورو ڪندا آهن.
- ذخيره اندوز، گُدامن ۾ انُ لڪائي، مُلڪ ۾ انُ ٿورو ڪري گُدام جي ڪوئن تي ٿورو ڪندا آهن. گُدام جا ڪوئا انُ کائي مچي پوندا آهن ۽ ذخيره اندوزن کي دُعائون ڪندا آهن. ذخيره اندوز به ناجائز ڪمائيءَ ۽ ڪوئن جي دُعائن سبب مچي پوندا آهن.
- ڪو ٿورو وري ڳورو ٿي پوندو آهي، يعني ڳچي وٺندو آهي. ماسي ٻليءَ چٽَ شينهن تي ٿورو ڪري ڪيس پڙهائي اڪابر ڪيو ته موت ۾ ٻليءَ کي کائڻ آيو. تنهنڪري ٻارو، ڳوري ٿوري کان هميشه پاسو ڪرڻ کپي.
- ڪي ماڻهو، ڪنهن تي ٿورو ڪري، ڍنڍورو ڏيندا آهن، جيڪا ڪني عادت آهي. ڪنهن ماڻهوءَ تي ٿورو ڪري (بشرطيڪ اهو ڳورو نه هُجي) ڍنڍورو نه ڏجي. عظيم انسان ڪنهن تي ڏکئي وقت ۾ ٿورو ڪري وساري ڇڏيندا آهن.
- ڪي ماڻهو ڏاهن جي قول تي عمل ڪندي ڪچهريءَ ۾ ٿورو ڳالهائي ڪچهريءَ وارن تي ٿورو ڪندا آهن ۽ ٻين جون لٻاڙون صبر سان ٻڌندا آهن.
- هوٽلن وارا ماڻهن کي بيمار جانورن جو گوشت کارائي، ڊاڪٽرن تي ٿورو ڪندا آهن. انهيءَ ٿوري جي

ڊاڪٽرن کي خبر نہ هوندي آهي. ان ڪري ان کي
”غائبانہ ٿورو“ چئبو آهي.

- اسان جي ملڪ ۾ اڪثر ڳالهيون ۽ واقعا غائبانہ نموني جا ٿيندا آهن. نہ گهوٽ کي خبر تہ ڪنوار ڪاٽي آهي ۽ نہ وري ڪنوار کي خبر تہ گهوٽ مندو آهي، بس شادي ٿي ويندي. ان کي ”غائبانہ شادي“ چئبو آهي.

ٻارو! ياد رکڻ گهرجي تہ ٿورا ٿڦيا بہ ويندا آهن. ايڊيٽر صاحب ليکڪن جون لکڻيون شايع ڪري، مٿن ٿورو ٿڦيندا آهن. مورو حالانڪ ٿورو ناهي پوءِ بہ عورتون زوريءَ مورو ڳائي ڍولڻ تي ٿورو ٿڦينديون آهن :

مــــــورو ناهـــــــي ٿورو
او ڍولڻ مورو ويٺي ڏيان.

- پيارا ٻارو!
اسان سيني تي گهڻي ڪان گهڻا ٿورا اُنهيءَ مالڪ جا آهن، جنهن اسان کي مختلف نعمتن سان نوازيو آهي. سندس ٿورن جي موٽ ۾ اچو تہ سندس گُڻ ڳايون. اوهان تي والدين جا ٿورا آهن. انهن ٿورن جي موٽ ۾ اوهان جو فرض آهي تہ محنت ڪري ڪامياب انسان بڻجو، جيئن وطن ۽ والدين لاءِ فائديمند ثابت ٿيو.

# مشق

سوال نمبر 1 : ٻوري ٿوري جا نقصان بيان ڪريو؟

سوال نمبر 2 : ظاهري ٿوري ۽ غائبانه ٿوري جي ڀيٽ ڪريو؟

سوال نمبر 3 : ڳُدام جي ڪُوئن جي صحت تي ڳهران نوٽ لکي ايندا.


## نوان لفظ

چٽُ = جيڪو ملوڪُ نه هُجي
لپاڙ = جنهن جي ٻُڌڻ سان ڪن پچن
ڪنوار = جيڪا روئي نه.

Website: www.sascitysukkur.com
E-Mail : abdullateefansari@yahoo.com

# سبق ستون

## ٽ. ٽوپي



ٽوپي جنس مؤنث آهي ۽ ٽوپ يا ٽوپلو مذڪر آهي. ٽوپين جا ڪيترائي قسم آهن. قوال، تجليدار صدري ۽ ڳوٽريءَ نما ٽوپي پائيندا آهن. انهن ڪي قوالڪي ٽوپي چئبو آهي. هڪ قسم جي ٽوپي محمد علي جناح صاحب به پائيندو هيو، ان ڪي جناح ڪيپ (ٽوپي) چوندا آهن. ترڪيءَ جا ماڻهو جيڪي ٽوپي پائيندا آهن، ان ڪي ترڪي ٽوپي چئبو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته ڳاڙهي رنگ ۽ ڪاري پُڇ واري اها ٽوپي هتان جا جهونا ماڻهو به پائيندا آهن. ڪي وري سرڪاري ٽوپيون هونديون آهن. سنڌي ٽوپي خانگي ٽوپي آهي.

Website: www.sascitysukkur.com
E-Mail : abdullateefansari@yahoo.com

حضرت سليمان عليه السلام جي جادوئي ٽوپيءَ کي سليماني ٽوپي چئبو آهي. چون ٿا ته اها ٽوپي جنن وٽ آهي. انهيءَ ٽوپي پائڻ سان ماڻهو گُم ٿي ويندو آهي. هو سڀني کي ڏسي سگهندو آهي. اهو سليماني ٽوپيءَ جي جادوءَ جو اثر آهي. هڪڙي وري سليماني چانهه ٿيندي آهي. سليماني چانهه جي تاريخ جي پوري ريت خبر نه پئجي سگهي آهي. ڪوجنا ڪندڙ ڪن ماهرن جي جاچ پڙتال مان خبر پئي آهي ته سکر ۾ سليمان نالي ڪنجوس وٽ هڪ ٻڪري هوندي هُئي. هُو انهيءَ ٻڪريءَ جو کيرُ چانهه ۾ وجهندو هيو. جڏهن هن جي ٻڪري مري ويئي ته هو بنا کير جي چانهه پيئڻ لڳو، جنهن کي سڀني سليماني چانهه چوڻ شروع ڪيو. سليمان شاهه پيرن ۾ چيريون ٻڌي، ٽي - ويءَ تي گيت چوندي ناچ ڪندو آهي، ان کي سليماني ناچُ چئبو آهي. سليماني ناچُ ٻارن کي ڏاڍو وڻندو آهي. تنهنڪري ٻارَ سليماني چانهه پيئندي سليماني ناچُ ڏسندا آهن ۽ تاڙيون وڄائيندا آهن.

ڪي ماڻهو هرون ڀرون ٽوپي پائيندا آهن. ڪي ماڻهو پنهنجي ٽڪڻ جي تجلي لڪائڻ لاءِ ٽوپي پائيندا آهن. ڪي هيرو ڪٽ نوجوان ٽوپي پائڻ ۾ عيب محسوس ڪندا آهن. نماز پڙهڻ مهل سڀني کي ٽوپي پائڻي پوندي آهي. ڪي ماڻهو مسيت ۾ مٿي اگهاڙا ايندا آهن ۽ مسيتي ٽوپي استعمال ڪندا آهن. مسيتي ٽوپي ڪجيءَ جي ڦرهن جي ٺهيل هوندي آهي، ان ڪري اها ماڻهو صرف الله جي گهرَ ۾ پائيندا آهن. مسيتي ٽوپي مسيت کان ٻاهر پائڻ ۾ ماڻهو پنهنجي

گھٽتائي مھسوس ڪندا آھن. گھٽتائي محسوس ڪرڻ جا ڪيترائي طريقا آھن.

- موٽرن ڪارن تي ھريل ماڻھو پنڌ گھُمڻ ۾ گھٽتائي محسوس ڪندا آھن.
- وڏا وڏا ليڪڪ پارن جي لاءِ لڪڻ ۾ گھٽتائي محسوس ڪندا آھن.
- دولت جا ديوتا، ڪنھن ڪنگلي جي دَر تي وڃڻ ۾ گھٽتائي محسوس ڪندا آھن.

عام چوڻي آھي تہ : ”ٽوپي ڪري ٽانءِ، تہ بہ پڳ برابر نانھہ.“

انھيءَ چوڻيءَ جي اثر ڪري، ڪُجھہ ماڻھو جاٽي واٽي پڳ پائيندا آھن. پڳ جو نمونو معاشي حالتن تي مدار رکي ٿو. معاشي طرح ڇڇريل ماڻھن جون پڳون، ميريون ۽ ليڙون ليڙون ھونديون آھن.

پڳ يا ٽوپي ماڻھن جي عزت ھوندي آھي. محنتي ماڻھو ڪاميابيون حاصل ڪري معاشري ۾ عزت ۽ مانُ حاصل ڪندا آھن پر سستُ، دوکيباز ۽ بُرن لڇڻن وارا ماڻھو پنھنجي ٽوپي لاھرائي پاڻ کي خُوار ڪندا آھن.

شال توھان پنھنجي پڳ ۽ ٽوپيءَ جو پرم رکو ۽ سماج ۾ محنت ڪري عزت پريو مقام ماڻيو.

# ❋مشق❋

سوال نمبر **1** : توهان کي سليمان ٽوپي هٿ اچي وڃي ته ڇا ڪندؤ!

سوال نمبر **2** : سنڌي ٽوپي سرڪاري ٽوپي ڇونه ٿي سگهي آهي؟

سوال نمبر **3** : ٻارن کي ڪهڙو ناچُ وڌيڪ پسند آهي؟

## نوان لفظ

قوال = جنهن جي نڙي وينل هُجي
ڪنجوس = ڪن + جوس
ڪن = ڪن
جُوس = رسُ
ڪنجوس = ڪن جي رسُ يعني گندگي يا ميرُ
رسالو = ايڊيٽر جي خُدائي

Website: www.sascitysukkur.com
E-Mail : abdullateefansari@yahoo.com

# سبق اٺون

## ٺ. ٺڳ



ٺڳ ڪا مختلف مخلوق ناهي، نه ئي انهن جي مٿي تي ڪي سڱ وغيره هوندا آهن، پر اهي بلڪل اسان توهان جهڙا ماڻهو هوندا آهن، جيڪي پنهنجي چالاڪيءَ ۽ حرفت سان سادن سودن انسانن کي بيوقوف بڻائي ٺڳيندا آهن. ڪنهن به قسم جي ٺڳي ڪندڙ کي ٺڳ چيو ويندو آهي. ٺڳن جي لاءِ ڪو خاص علائقو يا هنڌُ مخصوص نه هوندو آهي، پر هر هنڌ آباد هوندا آهن. ڪي علائقا ٺڳن جي حوالي

سان سُجاتا ويندا آهن چو ته انهن علائقن جا ٺڳ تمام مشهور هوندا آهن.

جيئن ته اڳئين دؤر جا ماڻهو سادا ۽ ابوجهه هوندا هُئا، ان ڪري ان دؤر جي ٺڳن کي ماڻهن کي ٺڳڻ لاءِ ڪا گهڻي محنت نه ڪرڻي پوندي هُئي ۽ اهي تمام سولائيءَ سان ماڻهن کي ٺڳي ۽ ڦري ويندا هُئا. مثال طور ڪو ٺڳُ، ڪنهن ماڻهوءَ کي سندس رقم ٻيڻي ڪري ڏيڻ جي لالچ ڏئي، رقم يا سون ڦٻائي ويندو هو. اهڙي ريت ڪو ٺڳُ، ملاوت کان پاڪ خالص مرچ، ڪنهن سيٺ يا مالدار جي اکين ۾ هڻِي سندس دولت هن کان ڌار ڪري هليو ويندو هو ۽ ٺڳَ جي ٺڳيءَ جو شڪار ٿيل دولتمند مرچ لڳل اکين مان چهرا ڳوڙها ڳاڙهي آخرڪار ماٺ ڪري ويهندو هو.

جديد دؤر جي ٺڳن جي ٺڳيءَ جا طريقا به جديد آهن. اڳئين دؤر جا ٺڳ پاڻ مڃيندا هُئا ته اهي ٺڳ آهن پر ماڊرن ٺڳَ تمام مُهذب ۽ مانائتا آهن، تنهنڪري هو پاڻ کي هرگز ٺڳ مڃڻ جي لاءِ تيار ناهن. هنن جي ٺڳڻ جا طريقا به نهايت حيرت انگيز ۽ مخفي آهن جو ٺڳجڻ واري ماڻهوءَ کي في الحال پتو ئي نه پوندو ته هو ڪيئن ٺڳجي ويندو. ماڊرن ٺڳ ڏيک ويک ۾ نهايت شريف ۽ معزز هوندا آهن، جنهنڪري انهن خلاف ڪنهن کي آڱر کڻڻ جي به جرئت نه ٿيندي آهي. ان ڪري ٺڳجي ويل ماڻهن لاءِ سواءِ صبر جي ڪوبه رستو نه هوندو آهي.

ماڊرن ٺڳن وٽ دولت جو جادو هوندو آهي، جنهنڪري هو پنهنجو سڀُ ڪم سولائيءَ سان ڪري ويندا آهن ۽ ڪٿي به سندن ٺڳيءَ جا نشان، ثبوت طور نه ملندا آهن. هو پنهنجي

حرفت ۽ جادوگريءَ سان ماڻهن جي زمينن، جاين ۽ ملڪيتن جا کاتا پنهنجي نالن تي تبديل ڪرائي ڇڏيندا آهن.

مادرن يعني جديد ٺڳ روڊن رستن کي فقط نقشن ۾ ڏاهي انهن جا پئسا منظور ڪرائيندا آهن ۽ اهڙن رستن کي وري ٻوڏ ۾ لوڙهي ڇڏيندا آهن. هُو ماڻهن کي قبرن مان اٿاري انهن کي قرض جي دستاويز تي صحيحون ڪرائي، سندسن نالن ۾ پاڻ قرض وصول ڪندا آهن. مادرن ٺڳ مختلف کائڻ پيئڻ جي شين ۾ ملاوت ڪري، وڏيڪ منافعو ڪمائي ماڻهن جي صحت خلاف سازش ڪندا آهن. هُو سادن ماڻهن کي ٻاهرين دنيا جا خواب ڏيکاري، دُبئيءَ جا دلاسا ۽ عرب ڏانهن اماڻڻ جا آسرا ڏيئي، ٺڳيندا آهن. مادرن ٺڳ، وڏيڪ وياج جي لالچ ڏيئي حرصي ماڻهن جي تجوڙين کي خالي ڪري، کين دل جون بيماريون تحفي ۾ ڏيئي گُم ٿي ويندا آهن.

مطلب ته اسان جي سماج جي هر شعبي ۾ انهن مادرن ٺڳن جا اثر آهن ۽ اهي سڌي يا اڻ سڌي طرح مختلف ماڻهن کي ٺڳين ٿا. پيارا ٻارو! توهان مستقبل جا اڏيندڙ آهيو. توهان پنهنجي پختي ارادي ۽ ڏاهپ سان انهن دوکيبازن ۽ ٺڳن جي پاڙ پٽيندا ۽ اهڙو معاشرو تعمير ڪندا، جنهن ۾ اهڙن ٺڳن لاءِ ڪا جاءِ نه هُجي.

# مشق

سوال نمبر **1** : روايتي ٺڳن ۽ مادرن ٺڳن ۾ فرق بيان ڪريو؟

سوال نمبر **2** : دل جي بيمارين جو دولت سان ڪهڙو تعلق آهي؟

سوال نمبر **3** : مادرن يعني جديد ٺڳن جي جادوگريءَ تي گهران نوٽ لکي ايندا.

## نوان لفظ

لالچ = ڪاريهر جي پيرڻ
ٺجوڙي = سيٺ جي ساهه واري پيٺي
روڊ = ٺيڪيدار جو خوابُ.

Website: www.sascitysukkur.com
E-Mail : abdullateefansari@yahoo.com

# سبق نائون

## ث. ثوابُ



ثواب ڪنهن ڪائڻ پيئڻ جي شيءِ جو نالو ناهي، پر ثواب انهيءَ دِلي سُڪون، آٿت ۽ اجوري جو نالو آهي، جيڪو ڪنهن نيڪيءَ جي بدلي ۾ ملي ٿو. ثوابن ڪي وزن به ٿيندو آهي. ڪي ثواب ڳورا هوندا آهن ۽ ڪي وري هلڪا.

ثواب جيئن ته نيڪين جي عيوض ملندا آهن، انڪري نيڪي ڪندڙ کي نيڪُ چيو ويندو آهي. ڪي صرف نيڪ هوندا آهن ۽ ڪي وري نيڪ بخت هوندا آهن. اڄوڪي زماني ۾ صرف بخت کي ڏنو ويندو آهي. ڪو ماڻهو جيڪڏهن

بَد آهي پر سندس بختُ، نيڪ آهي ته هر ڪو انهيءَ جي مُرڪي آجيان ڪندو. بدبخت ڪي ڪوبه پرسان بيهڻ نه ڏيندو آهي. توڙي پلي هو پاڻ نيڪ چو نه هُجي. اهو اجوڪي دؤر جو دستُور آهي. ٻارو! توهان ڪي اهو دستور ختم ڪرڻو آهي.

بخت ڪي بين لفظن ۾ ڀاڳُ به چئبو آهي. جنهن ماڻهوءَ ڪي ڀاڳُ لڳندو آهي، اهو ساڀُ نه ڪائيندو آهي، پر هو ڪُڪُڙ ڪائي راڳُ ڳائيندو آهي. ڪي ماڻهو بين ڪي ڏيکارڻ لاءِ نيڪيون ڪندا آهن جيئن ماڻهو ڪين نيڪُ سمجهن، سندن ناموس ٿئي ۽ ڪين وڏا وڏا لقب ملن، پر اصل ۾ اهي نيڪ نه هوندا آهن. اهڙي قسم جا ماڻهو پنهنجي اوڻاين ڪي لڪائڻ جي لاءِ نيڪين جو نماءُ ڪندا آهن. اوهان ڪي اهڙن ماڻهن ڪان هرون پرون متاثر نه ٿيڻ گهُرجي. اجوڪي دؤر ۾ نيڪن ۽ اشرافن ڪي ڪنهن به قسم جي ٺيڪ ناهي. هو ڪنهن به وقت هيٺ ڪري ڌهي سگهن ٿا.

ظاهري طرح سماج ۾ نيڪن ڪي گهٽي اهميت ڪانهي. اٿلندو پلائي ڪندڙ جي ڳچيءَ ۾ رسو پوي ٿو. ان مان ظاهر ٿيو ته نيڪي يا پلائي ڳچي به وٺندي آهي. پر اوهان ڪي گهبرائڻ نه گهُرجي، اوهين بنا ڪنهن نمائش جي نيڪيون ڪندا رهو، اهي رسا آخر پنهنجو پاڻ ٽُٽِي ويندا.

پرائمري اسڪول جو استاد معمولي پگهار تي هڪ ئي وقت پنجاهه ٻارن ڪي سنڀاليندو، پرچائيندو ۽ پڙهائيندو آهي. هُو ڪلاس ۾ پڙهائيءَ دوران ذهن تي هٿوڙا ڪائيندو آهي. انهن هٿوڙن ڪائڻ جي دوران ان ڪي ثواب ملندو آهي. هُو نيڪ ته آهي پر نيڪ بخت ناهي، ڪن ماڻهن جو ڪن خاص

ثوابن تي قبضو هوندو آهي ۽ اهي پنهنجي مرضيءَ مطابق انهن ثوابن کي ورهائيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ثواب جي آسري تي ماڻهو پنهنجون ڳلون به لاهرائي ايندا آهن. اهڙن ثوابن کان پاسي ڪرڻ گهرجي. ثوابن ڪمائڻ جا دؤر ۾ نوان طريقا ايجاد ڪيا ويا آهن، جن جي ذريعي تمام سستي ۽ سولي نموني بنا ڪنهن نقصان جي، ثوابن جو ذخيرو ٺاهي سگهجي ٿو.

پاڻي پيارڻ ثواب جو ڪم آهي. اڳيئين وقت جا ابوجهه انسان سنگ مرمر جون وڏيون سبيلون ٺهرائي. تمام گهڻي خرچ کان پوءِ پاڻي پيارڻ جو ثواب حاصل ڪندا هُئا. پر هن جديد دؤر جي هوشيار ماڻهن سبيلن جي جاءِ تي ڪاروباري دوڪان کولي ڇڏيا آهن. هُو دوڪانن جي آڏو برف جي پاڻيءَ جوفي گلاس انين آني جي حساب سان وڪرو ڪري ثواب حاصل ڪن ٿا. واٽهڙن کي هڪ ته تمام گهڻي گرميءَ ۾ پيئڻ لاءِ ٿڌو پاڻي ملندو آهي ۽ بيو ته سندس کيسن جو بار به هلڪو ٿيندو آهي. يعني ٻيڻو ثواب! ثواب حاصل ڪرڻ ۾ ڪوبه حجاب نه ڪرڻ گهُرجي.

# ❋مشق❋

سوال نمبر ***1*** : ڇا ثواب کي وزن ٿيندو آهي؟

Website: www.sascitysukkur.com
E-Mail : abdullateefansari@yahoo.com

سوال نمبر **2** : جنهن کي پاڳُ لڳندو آهي، اهو ساڳُ چو نہ ڪائيندو آهي؟

سوال نمبر **3** : ثواب ڪمائڻ جي جديد طريقن تي روشني وجهو.


# نوان لفظ

ڳرمي = اونهاري جي اولاد
بخت = جيڪو دال کي سرو ڪري
اشراف = ٻڇڙو.

**Website:** www.sascitysukkur.com
**E-Mail :** abdullateefansari@yahoo.com

# سبق ڏهون

## پ. پاڻي



پاڻيءَ جي ڪهاڻي تمام پُراڻي آهي. پاڻيءَ سان اسان سڀني جي پڪي دوستي آهي ۽ ان کان سواءِ اسان جو چاڙهو ڪونهي. جڏهن اُڃ لڳندي آهي تڏهن پاڻي پيئبو آهي. ڪي ماڻهو وري خوامخواهه پاڻي پيئندا آهن ۽ هاريندا آهن. پاڻي جيئن ته قدرت طرفان اسان کي مفت عنايت ٿيل آهي، تنهنڪري اسان کي ان جو قدر ڪونهي. مفت جي شين جو قدر ڪونه ٿيندو آهي.

پئسي وارا ماڻهو، اونهاري ۾ اڃ لڳڻ مهل قسمين قسمين ٿڌا رنگين شربت واپرائيندا پنهنجي اُڃ اُجهائيندا آهن. گرميءَ سبب برف پوش پهاڙن ڏانهن تفريح ڪرڻ هليا ويندا

آهن ۽ ڏوڪڙن ڪي پاڻيءَ وانگر خرچُ ڪندا آهن. پورهيت ماڻهو ڪارين اُسن ۾ هڏ هڻندا آهن ۽ پگهر ۾ پاڻي ٿي ويندا آهن. اج لڳڻ مهل ڪين پاڙو پاڻي نصيب ٿيندو آهي. گهڻي محنت ڪرڻ ڪري انهن جي حالت اسان جي پرائمري اسڪولن جهڙي ٿي ويندي آهي. پورهيت وانگر پرائمري اسڪول به هر قسم جي سهولت کان محروم هوندو آهي. پرائمري اسڪولن ۾ اڪثر ڪري بجلي نه هوندي آهي تنهنڪري ٻارڙا ويچارا اونهاري ۾ پگهر ۾ غوطا ڪائيندي سبق پڙهندا آهن، جنهن ڪري ڪين ڪُجهه به سمجهه ۾ نه ايندو آهي. وري جڏهن ٻارڙا اسڪول جي سينور لڳل مَٽن مان ٻاڙو پاڻي پيئندا آهن تڏهن سندن ڪچڙي نڙي وڏيڪ خشڪ ٿي ويندي آهي ۽ هو سبق پڙهي نه سگهندا آهن.

سياري جي مند ۾ پرائمريءَ جا شاگرد، اسڪول جي چؤطرف کليل ۽ زبون جاءِ ۾ سيءَ کان ٺٺڪائيندا رهندا آهن. سندن هٿ ڏڪندا آهن. تنهنڪري هو لکي نه سگهندا آهن. هو اسڪول ۾ تريون مهٽيندا رهندا آهن ۽ سندن تعليم جو معيار بلند ٿيندو رهندو آهي.

نينڍڙو ٻار ٻوٽي مثال آهي. جيڪڏهن ڪيس پيار جو پاڻي ڏبو رهبو ته هو وڌندو. جيڪڏهن مٿس سختي ڪبي ته هن ڪي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جو ڪلر وٺي ويندو ۽ هُو وڌي نه سگهندو. پرائمري ماستر پنهنجي گهر ۾ جيتوڻيڪ پنهنجن ٻارن کي پيار ڏئي نه سگهندو آهي، تڏهن به هو ڪوشش ڪري اسڪول جي شاگردن کي پيار سان پڙهائيندو آهي.

پاڻيءَ ۾ ٿورو کيرُ ملائي، ان کي کيرُ ڪري کپائي سگهجي ٿو. اهڙي قسم جي ڪمائيءَ کي پاڻيءَ جي ڪمائي چئبو آهي.

جن ماڻهن کي پاڻيءَ جي ڪمائي هوندي آهي، اهي ڪُڪڙ قورما ۽ ٻيا سُٺا سُٺا طعام واپرائيندا آهن. جن ماڻهن کي پاڻيءَ جي ڪمائي نه هوندي آهي، انهن جا رُڳو وات پاڻي پاڻي ٿيندا آهن. وات پاڻيءَ پاڻي ٿيڻ کان پوءِ اُنهن جي اکين ۾ به پاڻي تري ايندو آهي. جن ماڻهن جي اکين ۾ پاڻي هوندو آهي، انهن جي قسمت ڪُراڙي ۽ ڪمزور هوندي آهي ۽ پاڻيءَ ۾ غوطا کائيندي آهي.

ڪڏهن ڪڏهن پاڻيءَ کي به ڪاوڙ ايندي آهي، پوءِ هو بچاءُ بندُ ٽپي وسنديون ۽ کيتَ ٻوڙي ڇڏيندو آهي. ماڻهو پاڻيءَ جي انهيءَ ڪاوڙ کي ٻوڏ چوندا آهن. ٻوڏ جو شڪار ٿيو ڪري گنجي ۽ گوڏ وارا ڳوٺاڻا ٿيندا آهن. ٻوڏ ۾ سندن ڪَچا گهَر ۽ ڍور ڍڳا لُڙهي ويندا آهن ۽ پوءِ اهي ويچارا ڳوٺاڻا پنهنجن ٻارن ٻچن سميت، ٻوڏ جا ستايل بڻجي، بندن تي امداد جي آسري تي اکيون واٽن تي وڇائي ويٺا هوندا آهن.

ڪُجهه وقت کان پوءِ شهر جا 'معزز شهري' اکين تي ڪاري عينڪ چاڙهي، ڪيمرائون کڻي، ڪارن ۾ چڙهي ايندا آهن. اٽ سير امدادي اٽو ورهائي دردناڪ پوزُ (فوٽو) ڪيرائي هليا ويندا آهن. گهر وڃي، پنهنجي فوٽوءَ ڏسڻ لاءِ ٻئي ڏينهن جي اخبار جو انتظار ڪندا آهن.

معزز شهري شهر جا ٿنڀا هوندا آهن. پيٽ کان وٺي هُنن جي هر شيءَ غير معمولي هوندي آهي. ماستري معزز پيشو کڻي آهي، پر ماستر ڪڏهن به معزز شهرين ۾ شامل ٿي نه ٿو سگهي. اهڙي ريت ڊِڪَ منشي، ڪلارڪ، پٽيوالا ۽ ٻيا پورهيت وغيره معزز شهري نه هوندا آهن. انڪري اهو ضروري ناهي ته معزز شهريءَ جو پيشو به معزز هُجي.

اڇوڪي دؤر ۾ حرام، حلال تي حاوي آهي. حلال جي ڪمائيءَ تي حرام ڪي ڪمائيءَ پاڻي ڦيري ڇڏيو آهي. شال ائين نه ٿئي جو اسين حرام جي ڪمائي تي پلجي جوان ٿيون!!

# ❊مشق❊

سوال نمبر **1** : تعليم جو معيار ڪهڙي نموني بلند ٿي رهيو آهي؟

سوال نمبر **2** : ڪهڙن ماڻهن جي قسمت ڪُراڙي ۽ ڪمزور هوندي آهي ۽ پاڻيءَ ۾ غوطا ڪائيندي آهي؟

سوال نمبر **3** : ماستر معزز شهري ڇو نه ٿو ٿي سگهي؟

# نوان لفظ

ڪاوڙ = بهادر ماڻهوءَ جي خوراڪ
معزز شهري = جنهن جي پُٺ مضبوط هُجي
پٺيوالو = جنهن ڪي پٺو نه هُجي.

**Website:** www.sascitysukkur.com
**E-Mail :** abdullateefansari@yahoo.com



# ادل سومرو

Website: www.sascitysukkur.com
E-Mail : abdullateefansari@yahoo.com